SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1974

اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTIONS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.I OF 1974

اولھ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTIONS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 جي دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) ۾ لفظ "چوڏنهن" لاءِ لفظ "سورنهن" متبادل ٿيندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

Short title and commencement

1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of West Pakistan Ordinance XI of 1960